www.awamisoach.pk

ABC Certified
جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر
حاجي محمد حنيف ميمڻ

(جلد 15) خميس 02 آڪٽوبر 2025ع بمطابق 08 ربيع الثاني 1447ھ (شمارو 352) قيمت 20 روپيا

غزه ۾ امن جي ذميواري پهرين اسلامي دنيا ۽ پوءِ عالمي برادري تي آهي: ترڪي صدر

ترڪي فلسطين ۾ جاري نسل ڪشي خلاف سڀ کان وڌيڪ اثرائتي آواز آهي، غزه تي ان جي اٽل موقف عالمي سطح تي هڪ روشن مثال قائم ڪئي آهي: رجب طيب اردگان

آخر تائين يروشلم جي قبيلي جو دفاع ڪندو رهندس، غزه ۾ امن جي ذميواري پهرين اسلامي دنيا ۽ پوءِ عالمي برادري تي آهي، غزه ۾ امن تيستائين مسئلا حل نه ٿيندا

اسان ڪڏهن به غزه جي بهادر پٽن کي اڪيلو نه ڇڏيو آهي جن جديد ترين هٿيارن سان ليس قابض فوجن جو بهادري سان مقابلو ڪيو، غزه اسرائيلي بربريت جي انتها ڪري ڇڏي آهي

اسان غزه جي ماڻهن سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ لاءِ اسرائيل سان واپار ختم ڪيو، ٽرمپ سان ملاقات ۾ پهريون موضوع غزه ۾ خونريزي جو خاتمو هو

ترڪي غزه ۾ امن لاءِ عملي تجويزون پيش ڪيون، ترڪي پنهنجي جدوجهد جاري رکندو جيستائين 1967 جي سرحدن مطابق هڪ آزاد فلسطيني رياست قائم نه ٿي وڃي جنهن جو گاديءَ جو هنڌ اوڀر يروشلم هوندو

غزه هاڻي وڌيڪ رت، ڳوڙها ۽ تباهي برداشت نٿو ڪري سگهي، هي شرمناڪ صورتحال فوري طور تي ختم ٿيڻ گهرجي، سڀ اسلامي دنيا ۽ عالمي برادري کي غزه مسئلي جو حل ڪڍڻ گهرجي

انقره (م ر) غزه ۾ امن جي ذميواري پهرين اسلامي دنيا ۽ پوءِ عالمي برادري تي آهي، ترڪي صدر ترڪي صدر رجب طيب اردگان جوچوڻ آهي ته هو آخر تائين يروشلم جي قبيلي جو دفاع ڪندو رهندو، غزه ۾ امن جي ذميواري پهرين اسلامي دنيا ۽ پوءِ عالمي برادري تي آهي. نئين قانون ساز سال جي موقعي تي انقره ۾ ترڪ گرينڊ نيشنل اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي صدر اردگان چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

پشاور: وقتي صدر يوسف رضا گيلاني ۽ گورنر ڪي پي ڪي وچ ۾ ٿيل ملاقات جو ڏيک

وزيراعظم جي سفارش تي صدر پاران انساني همدرديءَ ۽ آئيني گهرجن جي بنياد تي عبدالباسط جي موت جي سزا معاف

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف جي سفارش تي صدر انساني همدرديءَ ۽ آئيني گهرجن جي بنياد تي عبدالباسط جي موت جي سزا معاف ڪري ڇڏي. وزيراعظم جي قيادت ۽ ان جي انصاف ۽ انساني همدرديءَ سان وابستگي ان فيصلي کي يقيني بڻائڻ ۾ بنيادي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اينديڙ مالي سال جو بجيٽ فيڊرل بورڊ آف ريونيو (ايف بي آر) تيار نه ڪندو: محمد اورنگزيب

سليم مانڊوي والا جي صدارت ۾ سينيٽ جي ناڻي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب ۽ اٽارني جنرل به شرڪت ڪئي

صدارتي آرڊر کي چئلينج ڪيو ويو آهي، ايف بي آر ان تي عمل نه ڪيو، اسان کي مشورو ڏنو ويو ته ان سلسلي ۾ اٽارني جنرل کي ڪميٽي ۾ سڏايو وڃي: ڪميٽي چيئرمين

ايف بي آر سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ صدارتي آرڊر کي چئلينج ڪيو، قانون موجب ايف بي آر کي صدر جي حڪمن تي عمل ڪرڻو پوندو آهي، ايف بي آر صدر جي حڪمن تي عمل نه ڪري قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي: متاثر شهري جو وڪيل

قانون موجب وفاقي محتسب ۽ صدارتي آرڊر تي عمل ٿيندو، ادارن کي وفاقي محتسب ۽ صدارتي آرڊر جي تشريح ڪرڻ جي اجازت ناهي، ڪميٽي اٽارني جنرل کي معاملي جي حل جي هدايت ڪئي

ملڪ ۾ ميڪرو اڪنامڪ استحڪام اچي چڪو آهي، حڪومت هن سال نومبر جي آخر ۾ ابتدائي طور تي 25 ڪروڙ ڊالر جا پانڊا بانڊ جاري ڪندي، مجموعي طور تي هڪ ارب ڊالر جا پانڊا بانڊ جاري ڪيا ويندا: ناڻي وارو وفاقي وزير

اينديڙ مالي سال جي بجيٽ ايف بي آر تيار نه ڪندي، ٽيڪس پاليسي کي ايف بي آر کان هٽائي ڪيو ويو آهي، نئين بجيٽ ناڻي کاتي ٽيڪس پاليسي آفيس تيار ڪندي، ٽيڪس پاليسي آفيس سڄو سال بجيٽ تي صلاح مشورا ڪندي

اسلام آباد (رپورٽ: عرفان مختيار) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته اينديڙ مالي سال جو بجيٽ فيڊرل بورڊ آف ريونيو (ايف بي آر) تيار نه ڪندو سليم مانڊوي والا جي صدارت ۾ سينيٽ جي ناڻي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب ۽ اٽارني جنرل به شرڪت ڪئي. ڪميٽي اجلاس ۾ ايف بي آر طرفان صدارتي آرڊر خلاف اپيل جو معاملو بحث/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

عورتون ڇاتيءَ جي ڪينسر کي سنجيدگيءَ سان وٺن: آصفه ڀٽو زرداري

جيڪڏهن مرض جي نشاندهي ۽ وقت تي علاج ٿئي ته بقا جي شرح 90 سيڪڙو تائين ٿي سگهي ٿي

عورتون باقاعدگي سان پنهنجو معائنو ڪرائين، 30 ورهين جي عمر کان پوءِ معائنو ڪرايو وڃي

اسلام آباد (بيورو) خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري عورتن تي زور ڏنو آهي ته اهي ڇاتيءَ جي ڪينسر کي سنجيدگي سان وٺن ۽ پنهنجي صحت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: ناڻي وارو وزير محمد اورنگزيب سان ڪنٽري مينيجر نياز خان ملاقات ڪندي

توهان اتحادين جي عزت نه ڪندئو ته اسان حڪومتي بينچن تي ڇو ويهنداسين: شرميلا فاروقي

بيان بازي جو سلسلو گهٽڻ ڏينهن کان جاري هو، جيڪو هاڻ وڌي ويو آهي، مريم نواز غير مناسب گفتگو ڪئي، حڪومتيون اڻين ناهن هلنديون

متاثرن کي وڃي سلائي مشينون ڏيڻ مدد ناهي، توهان اتحادين جي عزت نه ڪندئو ته اسان حڪومتي بينچن تي ڇو ويهنداسين

هي وقت بيان بازي جو نه پر ٻوڏ متاثرن جي مدد لاءِ گڏجڻ جو آهي، ڪو اتحادي اهڙي گفتگو برداشت نٿو ڪري سگهي

ڪراچي (رپورٽر) پ پ اڳواڻ شرميلا فاروقي چيو آهي اهو نٿو ٿي سگهي ته مريم نواز ڌمڪيون/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسلام آباد: ن ليگ سينيٽر اسحاق ڊار سان پيپلزپارٽي وفد ڳالهيون ڪندي

ادارن هڪڙي پارٽي کي چونڊ وڙهڻ واري صلاحيت کي محدود ڪيو: ڪامن ويلٿ

اسلام آباد (بيورو) ڪامن ويلٿ آبزرور گروپ پاڪستان ۾ 2024ع ۾ ٿيل عام چونڊن بابت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪوئيٽا ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن، 10 دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز ڪوئيٽا ويجهو غزه بند واري علائقي ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن ڪيو، جنهن دوران 10 دهشتگرد مارجي ويا

گڏيل انٽيليجنس بيسڊ آپريشن، پارٽي اسپانسرڊ دهشتگردن جي موجودگي بابت اطلاع تي ڪيو ويو، جنهن دوران شديد فائرنگ جو ڏي وٺ ٿي

دهشتگردن سان مقابلي دوران 2 سيڪيورٽي اهلڪار به زخمي ٿيا، مارجي ويل دهشتگردن وٽان وڏي انگ ۾ هٿيار ۽ بارودي مواد به هٿ آيو

ڪوئيٽا (م ر) ڪوئيٽا ۾ سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن دوران 10 دهشتگرد مارجي ويا. ذريعن موجب، سيڪيورٽي فورسز ڪوئيٽا ويجهو غزه بند واري علائقي ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن ڪيو. جنهن دوران 10 دهشتگرد مارجي ويا. ذريعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

آمريڪا ۾ وري شٽ ڊائون، هزارين ملازمن جي پگهارن کان محروم ٿيڻ جو خدشو

واشنگٽن (م ر) آمريڪا ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر شٽ ڊائون شروع ٿي ويو آهي، جنهن سبب هزارين سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

وفاقي حڪومت ناراض پيپلز پارٽي کي پرچائڻ جون ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون

حڪومت ۽ پيپلز پارٽي جي وچ ۾ اڄ اهم ملاقات طئي ٿي وئي، پيپلز پارٽي جو وفد نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان ملاقات ڪندو

ملاقات ۾ التوا هيٺ معاملا ۽ تازي بيان بازي سان پيدا ٿيندڙ صورتحال تي ڳالهيون ڪيون وينديون

اسلام آباد (بيورو) وفاقي حڪومت ناراض پيپلز پارٽي کي پرچائڻ جي لاءِ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون آهن، جنهن ڪان پوءِ پارٽي قيادت سان رابطا شروع ڪيا ويا آهن. ذريعن موجب حڪومت ۽ پيپلز پارٽي جي وچ ۾ اڄ اهم ملاقات/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سمورين ڌرين غزه لاءِ ٽرمپ منصوبي جي حمايت ڪن: گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل

ي وقت انتهائي اهم آهي ته سمورين ڌرين هڪ معاهدي تي متفق ٿين ۽ ان تي عمل ڪن

ترجمان، سيڪريٽري جنرل جي ان مطالبي جو به ورجاءُ ڪيو ته غزه ۾ فوري ۽ مستقل جنگبندي ڪئي وڃي

گڏيل قومون (م ر) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش مطالبو ڪيو آهي ته سمورين ڌرين غزه لاءِ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي امن منصوبي جي حمايت ڪن. پرڏيهي ميڊيا مطابق انتونيو گوتريش جي ترجمان/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

جيڪڏهن هو پنجاب جي معاملي ۾ ڪجهه چوندو ته وزيراعليٰ مريم نواز کاڙوڇي پوندي: ميئر ڪراچي

ڪراچي انسٽيٽيوٽ آف هارٽ ڊيزيز ۾ 2 مهينن ۾ فري ليبارٽري شروع ڪنداسين، اسپتال ۾ 2 مهينن اندر ٽيسٽ مفت ٿيندا

ڪراچي لاءِ 20 ارب رپين جو لالي پاپ ناڪافي آهي، وزيراعظم ڪراچي لاءِ 200 ارب رپيا به خرچ ڪري ته اهو به ناڪافي هوندو

عوام کي اليڪٽرڪ بس نه پر حالتن ۾ بهتري گهرجي، پنجاب ۾ موٽرويز نهي ويون پر ڪراچي ۾ اڃا تائين موٽرويز ناهي ٺهي سگهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته جيڪڏهن هو پنجاب جي معاملي ۾ ڪجهه چوندو ته وزيراعليٰ مريم نواز کاڙوڇي پوندي. ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪراچي انسٽيٽيوٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ ايران جي پرڏيهي وزير عراقچي جي ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه

ٻنهي پرڏيهي وزيرن پاڪستان – ايران جي ڀائراڻي لاڳاپن جو جائزو ورتو

خطي ۾ بدلجندڙ صورتحال ۽ امن ۽ سلامتي کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ جاري سفارتي ڪوششن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ ايران جي پرڏيهي وزير عراقچي جي ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ٿي جنهن ۾ ٻنهي اڳواڻن پاڪستان – ايران ڀائراڻي لاڳاپن جو جائزو ورتو ۽ خطي ۾ بدلجندڙ صورتحال/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

بلوچستان ۾ امن جي قيام لاءِ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون وسارڻ جوڳيون ناهن: وزيراعليٰ بلوچستان

سيڪيورٽي فورسز پارٽي سرپرستيءَ ۾ سرگرم دهشتگردن خلاف به ڪامياب آپريشن ڪيا، جن ۾ 13 دهشتگردن کي ماريو ويو آهي

بلوچستان ۾ امن جي قيام لاءِ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون وسارڻ جوڳيون ناهن ۽ پوري قوم انهن بهادر جوانن کي سلام پيش ڪري ٿي

پارٽي پٺڀرائي ۾ سرگرم دهشتگردن جي مڪمل خاتمي تائين آپريشن جاري رهندا، بلوچستان حڪومت پنهنجي ادارن سان گڏ بيٺل آهي

ڪوئيٽا (م ر) بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي چيو آهي ته سيڪيورٽي فورسز پارٽي سرپرستيءَ ۾ سرگرم دهشتگردن خلاف به ڪامياب آپريشن ڪيا، جن ۾ 13 دهشتگردن کي ماريو ويو آهي. پنهنجي جاري بيان ۾ هن چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

مريم نواز سياحتي شهر مري لاءِ وڏن ترقياتي منصوبن جو اعلان ڪري ڇڏيو



توري وقت ۾ نوازشريف ڪارڊيالوجي سينٽر تعمير ڪيو، اڄ ڪارڊيالوجي سينٽر ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي: مريم نواز

هاڻي مري جو پوليس، صحت ۽ تعليم کاتو الڳ آهي، مون اعلان پوءِ ڪيو ۽ روڊ پهريان ناهي ڏنو

مري (م ر) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز سياحتي شهر مري لاءِ وڏن ترقياتي منصوبن جو اعلان ڪري ڇڏيو. مري ۾ تقريب کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو ته توري وقت ۾ نوازشريف ڪارڊيالوجي سينٽر تعمير ڪيو. اڄ ڪارڊيالوجي سينٽر ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي ۽ 5 ماڻهن جي انجيوگرافي ٿي آهي. مان انهن سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

خيرپور ۾ گئس ۽ خام تيل جا ذخيرا دريافت

خيرپور ۾ بيٽرسر ايسٽ _1 کوهه مان روزانو 22.5 ملين ڪيوبڪ فوٽ گئس پيدا ٿيندي: او جي ڊي سي ايل ترجمان

بيٽرسر ايسٽ _1 کوهه جي کوٽائي 30 جون 2025 تي شروع ڪئي وئي هئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي خيرپور ضلعي ۾ گئس ۽ خام تيل جا ذخيرا دريافت ٿيا آهن. آئل اينڊ گئس ڊولپمينٽ ڪمپني لميٽيڊ (او جي ڊي سي ايل)/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

حماس ٽرمپ جي ”غزا امن ناهه“ ۾ ترميم جو مطالبو ڪري ڇڏيو

حماس ٽرمپ جي غزا امن منصوبي ۾ بي هٿيار ٿيڻ واري شق ۾ ترميم جو مطالبو ڪيو آهي

حماس اسرائيل جي مڪمل نيڪالي ۽ اڳواڻن کي فلسطين اندر يا ٻاهر قتل نه ڪرڻ بابت بين الاقوامي ضمانتون چاهي ٿي

دوحا (م ر) فلسطين جي مزاحمتي تنظيم حماس آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي غزا سان بابت 20 نڪاتي امن منصوبي ۾ ترميم جو مطالبو ڪري ڇڏيو. حماس جي قيادت جي ويجهن وارن فلسطيني ذريعن پرڏيهي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٽرمپ جي غزا امن منصوبي ۾ بي هٿيار ٿيڻ واري شق ۾ ترميم جو مطالبو ڪيو آهي. پرڏيهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

يو اي اي جي قونصل جنرل جو آغوش اولڊ هوم جو دورو، مستقل پناهه گاهه ۽ يتيم خاني جي قيام جي حمايت جو اعلان

دوري دوران، قونصل جنرل هر بزرگ ماءُ ۽ ڀيڻ سان الڳ الڳ ملاقات ڪئي، ڪين تحفا ۽ گل پيش ڪيا، سندن مسئلا ٻڌا ۽ حوصلا افزائي ڪئي

هن جي گرمجوشي ۽ همدردي عورتن جي چهري تي مرڪون پيدا ڪيون، جيڪي سالن کان خانداني سهاري کان محروم ٿي، آغوش ٽرسٽ تي ڀاڙين ٿيون

قونصل جنرل آغوش اولڊ هوم جي غيرمعمولي خدمتن کي ساراهيندي ان کي ”بي سهارا ۽ پسيل طبقن جي عورتن لاءِ اميد جو ڏيئو“ قرار ڏنو

ڪراچي (رپورٽر) عالمي بزرگن جي ڏينهن جي موقعي تي، متحده عرب امارات جي قونصل جنرل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: يو اي اي قونصل جنرل آغوش اولڊ هوم جو دورو ڪندي

اينديڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم گرم ۽ خشڪ رهڻ جي اڳڪٿي

اسلام آباد (بيورو) موسميات کاتي اڳڪٿي ڪئي آهي ته اينديڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: ميئر مرتضيٰ وهاب ڪراچي انسٽي ٽيوٽ آف هارٽ ڊزيز ۾ نئين ڪيٿ جو افتتاح ڪندي

پي ڊي ايم اي پنجاب صوبي جي متاثرن علائقن ۾ برسات جو الرٽ جاري ڪري ڇڏيو

5 کان 7 آڪٽوبر تائين پنجاب جي ڪيترن ئي ضلعن ۾ شديد طوفاني برسات جو امڪان آهي

برسات سبب درياهن ۽ ندي نالن ۾ چاڙهه جو امڪان آهي، تنهن ڪري سمورا آفيسر فيلڊ ۾ موجود رهن

لاهور (م ر) پي ڊي ايم اي پنجاب صوبي جي متاثرن علائقن ۾ برسات جو الرٽ جاري ڪري ڇڏيو. پي ڊي ايم اي ترجمان موجب 5 کان 7 آڪٽوبر/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڊائريڪٽر جنرل سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي، ايس بي سي اي سنگل ونڊو فسيلٽي ڪائونٽر جو دورو

لاڳاپيل آفيسرن، ڊائريڪٽر جنرل کي جديد ترين سنگل ونڊو فسيلٽي وسيلي حاصل ٿيندڙ سهولتن، سولي طريقيڪار ۽ ڪارڪردگي بابت بريفنگ ڏني

جديد اعليٰ معيار خدمتن جي عيوض وڏي تعداد ۾ شهرين جو اداري تي اعتماد بحال ٿيو آهي ۽ نمايان عوامي پذيرائي حاصل ٿي آهي

سنگل ونڊو فسيلٽي ۾ جمع ڪرايل 14442 بلڊنگ پلانز مان 14083 ڪيسن جي رڪارڊ منظوري ڏني وئي، جيڪا ڪل ڪيسن جو 99 سيڪڙو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي مزمل حسين هاليپوٽو، ايس بي سي اي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

ڪراچي: ڊائريڪٽر جنرل سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ايس بي سي اي سنگل ونڊو فسيلٽي ڪائونٽر جو دورو ڪندي

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عدالت 15 ورهين جي ڇوڪريءَ کي پنهنجي مڙس سان گڏ رهڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (بيورو) ننڍي عمر جي شادي بابت اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو وڏو فيصلو سامهون اچي ويو. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

ملتان: جلال پور پيروالا جو وڏو علائقو اڃا تائين پاڻي هيٺ، 10 کان 12 فٽ پاڻي موجود، رليف آپريشن جاري

گذريل 19 ڏينهن کان بيٺل پاڻي سبب رهواسين جون ملڪيتون ۽ فصل تباهه ٿي ويا، پريشان رهواسين پاڻي جي جلد کان جلد نيڪال ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

نوراجه ڀٽه بند ۾ پوندڙ گهاري کي پريو ويو آهي جنهن جي ڪري ستلج درياءَ جو پاڻي جلالپور پيروالا جي ڳوٺن ۾ اچڻ کان روڪيو ويو

ملتان (م ر) ملتان جي تعلقي جلالپور پيروالا جا ڪيترائي ڳوٺ گذريل 19 ڏينهن کان ٻوڏ جي پاڻي ۾ ٻڏل آهي، اهڙن ڳوٺن مان پاڻي جو نيڪال نه ٿيڻ سبب ٻوڏ متاثرين سخت پريشاني جو شڪار آهن. گذريل 19 ڏينهن کان بيٺل پاڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

يٽائي ڪالوني ۾ غير قانوني اڏاوتن خلاف اختيارين کي نوٽيس

رهائشي پلاٽ تي ڪمرشل تعميرات ماسٽر پلان جي ڪليل ڀڃڪڙي آهي: درخواستگذار وڪيل

عدالت سنڌ حڪومت، لينڊ يوٽيلائيزيشن کاتو، ڊپٽي ڪمشنر ڪورنگي ۽ ٻين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪورنگي يٽائي ڪالوني ۾ غير قانوني ڪمرشل اڏاوتن خلاف درخواست تي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو. سنڌ/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

آزاد ڪشمير حڪومت جو عوامي ايڪشن ڪاميٽي کي ٻيهر ڳالهين جي آڇ

ايڪشن ڪاميٽي جا 90 سيڪڙو مطالبا آزاد ڪشمير حڪومت اڳ ۾ ئي مڃي ورتا هئا، اسين وفاقي وزير ضامن هئاسين ته انهن تي عملدرآمد ٿيندو: طارق فضل چوڌري

جيڪي ڪيس داخل ڪيا ويا هئا، انهن جي واپسي جو مطالبو به تسليم ڪيو ويو، بجلي سان لاڳاپيل مسئلا به حل ڪيا ويا

آزاد ڪشمير (م ر) حڪومت هڪ ڀيرو ٻيهر عوامي ايڪشن ڪاميٽي کي ڳالهين جي آڇ ڪري ڇڏي، وفاقي وزير براءِ پارليماني امور طارق فضل چوڌري، وزيراعظم آزاد ڪشمير چوڌري انوارالحق سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته وزيراعظم/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

صحافي امتياز مير لاءِ آمريڪا ۾ ميڙاڪو، ايصال ثواب لاءِ دعا گهري وئي

ميڙاڪي ۾ شعيب پٺو، فاروق سومرو، ضيا قريشي، فيض بليدي، ميرڪيريو، اياز بروهي ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

سنڌ ۾ صحافين جو مسلسل قتل عام جو سلسلو جيءَ جهوريندڙ آهي: قلم ڌڻي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ بيدرديءَ سان شهيد ٿيل صحافي امتياز مير لا آمريڪا جي شهر پيٽرس برگ ۾ تعزيتي ميڙاڪو ٿيو ميڙاڪي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

حڪومت کي سپورٽ ڪرڻ جو مطلب اهو ناهي جيڪو وٽين سو ڪن: قمر زمان ڪائره

اسان وزارت ۾ حصو وٺڻ کانسواءِ حڪومت جي حمايت ڪئي، ان جو مطلب اهو ناهي ته مسلم ليگ (ن) جيڪو چاهي ڪري سگهي ٿي

اسان وزارت ۾ حصو وٺڻ کانسواءِ حڪومت جي حمايت ڪئي ۽ نيڪ نيتي سان حڪومت ناهڻ ۾ مسلم ليگ (ن) جي حمايت ڪئي

گذريل ڪجهه ڏينهن ۾ ڳالهين جو سلسلو شروع ٿيو آهي، ڳالهين مان سياست ۽ جمهوريت کي ڪو فائدو نه ٿيندو

لاهور (م ر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ قمر زمان ڪائره چيو آهي ته اسان وزارت ۾ حصو وٺڻ کانسواءِ حڪومت جي حمايت ڪئي، ان جو مطلب اهو ناهي ته مسلم ليگ (ن) جيڪو چاهي ڪري سگهي ٿي ۽ اسان کي خاموش رهڻ گهرجي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

صوبائي محتسب سنڌ جي صدارت هيٺ صلاحڪارن ۽ ريجنل ڊائريڪٽرن جو اجلاس

اجلاس ۾ سيڪريٽري منصور عباس رضوي، ڊي جي نسيم الدين ميراڻي، رجسٽرار مسعود عشرت ۽ ٻين جي شرڪت

اجلاس ۾ صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت سمورين ريجنل آفيسن ۾ رجسٽرڊ عوامي شڪايتن جي تعداد ۾ واڌ ۽ انهن جي فوري حل تي زور ڏنو

سرڪاري آفيسن سان لاڳاپيل صوبائي عوامي شڪايتن ۾ اضافو صوبائي محتسب سنڌ جي آفيسن تي عوام جي اعتماد جو اظهار آهي: محمد سهيل راجپوت

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي محتسب سنڌ جي صلاحڪارن ۽ ريجنل ڊائريڪٽرن جو اجلاس محمد سهيل راجپوت جي صدارت هيٺ سنڌ جي صوبائي آفيس ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ سيڪريٽري منصور عباس رضوي، ڊي جي نسيم/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي جي علائقي ملير ۾ زلزلو، شدت 3 ڏهائي 2 ريڪارڊ

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ملير علائقي ۾ زلزلي جا جهٽڪا محسوس ڪيا ويا آهن. زلزلي جي شدت ريڪٽر اسڪيل تي 3.2 ٻڌائي وئي / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: صوبائي محتسب سنڌ اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

وڏائي وزير منصوبابندي ۽ ترقي جام خان شورو جي صدارت هيٺ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ تعليم جي شعبي سان لاڳاپيل اجلاس

اجلاس ۾ چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم احمد شاهه، سيڪريٽري تعليم زاهد عباسي ۽ ٻيا اعليٰ آفيسر شرڪت ڪئي

سنڌ حڪومت رٿابندي ۽ ترقياتي کاتي ۾ منصوبن جي بار بار ورجائڻ کان بچڻ لاءِ جديد ڊيٽا سينٽر قائم ڪري ڇڏيو آهي

منصوبن جي ورجائڻ کان بچڻ لاءِ هڪ جديد ڊيٽا سينٽر قائم ڪري ڇڏيو آهي، جتي منصوبن جي اثرائتي نگراني مصنوعي ذهانت (AI) ذريعي ڪئي ويندي: جام خان شورو

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير منصوبابندي ۽ ترقي جام خان شورو جي صدارت هيٺ سنڌ سيڪريٽريٽ/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سنڌ حڪومت 35 هين نيشنل راندين لاءِ رانديگرن جا ٽرائل شروع ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

سنڌ جي راندين واري وزير سردار محمد بخش مهر جي صدارت هيٺ هڪ اهم اجلاس ٿيو سيڪريٽري راندين منور علي مهيسر، ڊائريڪٽر اسد اسحاق سميت ٻين شرڪت ڪئي

نيشنل رانديون 6 کان 13 ڊسمبر تائين ڪراچي ۾ منعقد ٿينديون، جنهن ۾ 9 هزار کان وڌيڪ رانديگر 32 راندين جي ايونٽس ۾ حصو وٺندا: محمد بخش مهر

سمورا ٽرائل مڪمل طور تي ميرٽ جي بنياد تي ٿيندا، 35 هين نيشنل راندين جون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن: صوبائي وزير

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت اڄ کان 35 هين نيشنل راندين لاءِ رانديگرن جا ٽرائل شروع ڪرڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: راندين وارو صوبائي وزير محمد بخش مهر گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

حيدرآباد ۾ ڪار کي باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو سڙي فوت

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد ۾ خانگي شاپنگ مال/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

غربت جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ بابت وفاقي وزير سان ترڪيه جي سفير جي ملاقات

ٻنهي ملڪن وچ ۾ سماجي شعبي خاص ڪري غربت ۾ گهٽتائي ۽ سماجي تحفظ جي حوالي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

دفاع ۽ واپار جي شعبن ۾ ڪامياب سهڪار ۽ ترجيحي واپاري معاهدو سندن ناتن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي ٿو: ترڪ سفير

اسلام آباد (بيورو) غربت جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ بابت وفاقي وزير سيد عمران احمد شاهه پاڪستان ۾ ترڪيه جي سفير عرفان نذير اوغلو ملاقات/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

جلال پور پيروالا اڃا تائين پاڻي هيٺ، رليف آپريشن جاري

ملتان (م ر) ملتان جي تعلقي جلالپور پيروالا جا ڪيترائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي: صوبائي وزير جام خان شورو ايجوڪيشن سيڪٽر بابت گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

AWAMI SOCH
KARACHI
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ

چيف ايگزيڪيوٽو
سيد شفقت حسين شاهہ

هيءَ اخبار پبلشر محمد حنيف ميمڻ قيوم پرنٽنگ پريس آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس ٽريڊ ٽاور روم نمبر 825 مان پڌري ڪئي

چيف ايڊيٽر حاجي حنيف ميمڻ

رابطي لاءِ:
03153327758

خميس 02 سيپٽمبر 2025ع

ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻ وار، اڄ پڻ آڳڙين جي؛
ٻاري مچ مجاز جو، اوتيائون اڱارَ؛
ڏُوڏا! ٿِيُ مَ ڏارَ، جِمَ ڪچو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.

غزه امن معاهدو ۽ ڪجھ سوال

هي غزه امن معاهدو جيڪو وائٽ هائوس ۾ ٿيل پريس ڪانفرنس کان پوءِ سڄي دنيا جي ميڊيا ۾ گردش ڪري رهيو آهي، اهو ثابت ڪري ٿو تہ وچ اوڀر ۾ امن جا ڳالهايل لفظ سياست جي وڏين شطرنجين ۾ هڪ وڏو داءُ بڻيل آهن. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جڏهن اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو سان گڏ غزه امن منصوبي جو اعلان ڪيو تہ دنيا جي سياست ۾ هڪ نئون باب کولڻ جي دعويٰ ڪئي وئي، پر اهو باب واقعي امن ڏانهن کلي ٿو يا ڪنهن نئين سياسي راند جي شروعات آهي، ان بابت شڪ شبها قائم آهن. ٽرمپ جي ڳالهين ۾ اها ڳالهہ نمايان هئي تہ هو پاڻ کي وچ اوڀر ۾ امن جو اصل ٺيڪيدار پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. سندس زبان مان بار بار اهو جملو ورجندو رهيو تہ "اڄوڪو ڏينهن تاريخي آهي" پر تاريخ جو فيصلو هميشہ مستقبل ڪندو آهي، نہ تہ وائٽ هائوس جي روشنيءَ ۾ ٿيل تقريرون. هي امن منصوبي ۾ جيڪي شرط ٻڌايا ويا آهن، جهڙوڪ 72 ڪلاڪن اندر يرغمال آزاد ڪرڻ، حماس جي هٿياربند ڍانچي جي مڪمل خاتمي، غزه جي غير فوجي ڪرڻ ۽ اسرائيلي فوجن جي مرحلاوار انخلا اهي سڀ ظاهر ۾ هڪ وڏو روڊ ميپ لڳن ٿا، پر اصل ۾ اهي سوال اٿارين ٿا تہ ڇا ڪنهن ڌرجي مرضي کان سواءِ اهڙي منصوبي تي عمل ٿي سگهي ٿو؟ ڇا حماس پاڻ پنهنجن هٿيارن کي دفن ڪندي ۽ پنهنجي سياسي ۽ فوجي حيثيت کي ختم ڪندي؟ ڇا اسرائيل واقعي اهو برداشت ڪندو تہ هڪ آزاد فلسطيني رياست وجود ۾ اچي؟ يا اهو سڀ ڪجھ رڳو ان لاءِ آهي تہ عالمي برادري کي ڏيکاريو وڃي تہ آمريڪا ۽ اسرائيل امن جا وڏا سرواڻ آهن؟ نيتن ياهوءَ جي هڪ طرف قطري وزيراعظم کان معافي وٺڻ ۽ ٻئي طرف آزاد فلسطيني رياست جي مخالفت ڪرڻ، ان ڳالهہ جو پتو ڏئي ٿي تہ اسرائيل جي پاليسي اندروني طور تضادن جو شڪار آهي. اهو ساڳيو نيتن ياهو آهي جنهن جي حڪومت ڪي فلسطين جي هر هلچل ۾ دهشتگردي نظر اچي ٿي، پر جڏهن وائٽ هائوس ۾ ويهي ٽرمپ سان گڏ تصوير ڪڍرائي ٿو تہ امن جي ڳالهہ ڪرڻ ۾ بہ ڪو عار نٿو سمجهي. هيءَ منافقت ئي آهي جنهن سبب فلسطين جو مسئلو ستر سالن کان وڌيڪ عرصي کان حل نہ ٿي سگهيو آهي.

پاڪستاني وزيراعظم شهباز شريف پاران منصوبي جي آجيان ڪرڻ ۽ فوجي قيادت جي بہ حمايت جو اظهار ڪرڻ، ان ڳالهہ ڏانهن اشارو آهي تہ پاڪستان عالمي دٻاءُ کان پاسو ڪرڻ لاءِ آمريڪي موقف جي پرسان بيٺل آهي. پر سوال اهو آهي تہ ڇا پاڪستان جي عوامي امنگن ۾ اها ڳالهہ شامل آهي تہ فلسطين کي هڪ نيم خودمختيار خطي تائين محدود ڪيو وڃي؟ پاڪستان جي تاريخي حيثيت هميشہ فلسطيني حق خود اراديت جي حمايت ۾ رهي آهي. جڏهن هاڻي حڪومتي سطح تي ٽرمپ جي منصوبي جي آجيان ڪئي پئي وڃي تہ اهو تضاد رڳو حڪومتي پاليسين ۾ نہ پر قومي شعور سان بہ ٽڪراءُ آهي. هن امن ...

درياه جو پاڻي درياه جو آهي: ڪنهن اڪيلي صوبي جو ناهي

محمد احسان لغاري

مختلف صوبن مان جوڙيل وفاق ۾، سنڌو درياه طاس (جڏهن سنڌو درياه چئون ٿا تہ ان ۾ ڪرنڌڙ سڀ درياه اچي ٿا وڃن) جو پاڻي ڪنهن هڪ صوبي جي ذاتي ملڪيت نہ آهي، پر اهو ملڪ جي بقا جو ضامن، هڪ قومي امانت ۽ گڏيل ورثو آهي. اهو وفاقي اصول اسان جو گڏيل معاهدو ۽ آئيني بنياد آهي پر، وزير اعليٰ پنجاب مريم نواز شريف جو تازو بيان "هي اسان جو پاڻي آهي، پنجاب جي عوام جو پاڻي آهي تنهنڪري اسان واهہ ٺاهينداسين، اسان جو پاڻي اسان جي مرضي." هي وفاقي ايڪي ۽ قومي پروسي جي اصول تي سڌو ۽ گهرو حملو آهي. هي بيان ان وقت سامهون آيو جڏهن چولستان واهہ منصوبي تي پاڪستان پيپلز پارٽي سان مرڪز جي سياسي چڪتاڻ عروج تي هئي، ۽ پنجاب جي وزير اعليٰ انهيءَ خطرناڪ تڪرار کي وري جياريو آهي، جنهن کي گڏيل مفادن واري ڪائونسل (سي سي آءِ) ڪجھ مهينا اڳ عارضي طور روڪي، گڏيل رضامنديءَ جي شرط رکي هئي. سنڌ صوبي جو سخت احتجاج ۽ ڪائونسل جي چٽي حڪم جي ڀڃڪڙي جي هي ڪوشش هڪ گهري اندروني بحران جي نشاندهي ڪري رهي آهي: اهو هڪ خطرناڪ وهم آهي تہ وهندڙ درياه ۽ سندن وسيلا ماڻهن جي ٺاهيل صوبائي حدن جو احترام ڪندا.

ورهايل پاڻي ۽ عدمِ استحڪام:

وڌيڪ پاڻي نہ هجڻ جي حقيقت: هن مسئلي جي سڀ کان بنيادي حقيقت اها آهي تہ نئون واهہ کوٽڻ لاءِ ڪو بہ اضافي يا واندو پاڻي موجود ئي نہ آهي. اهو سڀ ڪجھ مرڪزي ادارن ۽ پنجاب جي پنهنجن انگن اکرن مان ثابت ٿي چڪو آهي اٽويھ سئو اڪانوي (1991ع) جي پاڻي جي معاهدي تحت، درياهن جو پاڻي ڀهرايئين ئي سڀني صوبن جي وچ ۾ مخصوص ۽ طئي ٿيل حصن موجب ورهايو ويو آهي. سچ تہ اهو آهي تہ هيٺين علائقن / لوئر رپيرين صوبي سنڌ کي تہ پنهنجي اڳ ئي موجود آبپاشيءَ جي ضرورتن لاءِ بہ هر سال سخت پاڻي جي ڪوٽ جو منهن ڏسڻو پوي ٿو ۽ ...

ٿو. پر سنڌ ۾ صورتحال ان کان وڌيڪ خراب ۽ غير يقيني آهي. پيو اهو تہ چولستان جا اصلوڪا رهواسي پڻ خوف ۾ ورتل آهن ڇو جو سندن مطابق ڪارپوريٽ فارمنگ جي ڪري پنهنجا اباڻا ڪک ۽ پٽ وڃائي ويهندا

هن تڪرار جو اصل سبب اهو آهي تہ سنڌو درياه جو نظام مڪمل طور تي پاڻ ۾ ڳنڍيل آهي. درياه جي مٿاهين وارن علائقن ۾ پاڻي جي مقدار ۾ ذري جي بہ وڌيڪ ڦيرڦار يا رخ موڙڻ جي عمل سان فوري طور هيٺين علائقن جي پاڻي جي سطح خطرناڪ حد تائين گهٽجي ويندي آهي. هي مسئلو نئون نہ آهي؛ برطانوي راڄ دوران ارڙهن سئو سٺ (1860ع) جي ڏهاڪي کان وٺي هيل تائين ٺهندڙ آبپاشي جي وڏي بنيادي ڍانچي جي ڪري دريا جو قدرتي وهڪرو اڳ ۾ ئي خراب ٿي چڪو آهي. انهن تاريخي منصوبن جي نتيجي ۾ سڀ کان وڌيڪ نقصان سنڌ کي پهتو آهي، ۽ چولستان واهہ جو هي تازو قدم ان نقصان کي ويتر وڌائي ڇڏيندو.

وجودي خطرو:

ڊيلٽا جي تباهي ۽ ماحولياتي نقصان: سنڌ لاءِ چولستان واهہ جو مطلب صرف فصلن جو نقصان نہ آهي، پر اها سنڌو درياه جي ڊيلٽا (ڇوڙ وارو علائقو) جي مڪمل تباهي آهي. جڏهن درياه جو پاڻي سمنڊ ۾ گهٽجي ويندو آهي، تہ سمنڊ جو کارو پاڻي خشڪيءَ ۾ داخل ٿي زرخيز زمينن کي تباهہ ڪري ڇڏيندو آهي هن عمل کي کاري پاڻي جو چڙهڻ/ سي واٽر انٽروشن چيو ويندو آهي. پاڻي جو وهڪرو گهٽجڻ سبب سنڌو جي عاليشان ڊيلٽا جيڪو پاڪستان کي عالمي طور ممتاز بڻائي ٿو، تيزيءَ سان پنهنجي وجود کي گهٽائي رهي آهي، جنهن ڪري ساموندي پٽي ۾ رهندڙن جا روزگار خاص ڪري مڇي مارڻ جو ڪم تباهہ ٿي رهيا آهن، ۽ لکين ماڻهن لاءِ خوراڪ جي اٿپورائپ (فوڊ اِن سڪيورٽي) وڌي رهي آهي. هي عمل اسان جي قومي اثاثن/وسيلن کي ناقابل تلافي نقصان پهچائي رهيو آهي، جنهن ۾ مينگرووز/ تمر جا ...

ڪري پاڪستان کي پنج سو ستر اربن جو نقصان ٿي رهيو آهي! پاڪستان پيپلز پارٽي کي گهرجي تہ مرڪزي سياستدانن ۽ پنجاب جي حڪمرانن کي سنڌ جي ساموندي ضلعن جو سير ڪرائي تہ جيئن هو ڏسن تہ 1940 تائين هي خوشحال لاڙ ۽ ساموندي علائقو، پاڪستان جو غريب ترين ۽ پوئتي پيل علائقو ڪيئن ٿيو آهي!

وفاقي ايڪي جو امتحان ۽ قانوني گهرجون:

درياهي پاڻي تي حق صرف مٿئين علائقي جي طاقت يا اختيار جي بنياد تي نہ ٿيندا آهن، بلڪہ اهي عالمي اصولن موجب انصاف ۽ مناسب ورڇ تحت سمورن هيٺين علائقن لاءِ ضروري آهن. پاڪستان جو آئين پاڻي جي انتظامي ورڇ کي وفاقي ادارن جي حوالي ڪري اهو يقيني بڻائي ٿو تہ ڪو بہ صوبو گڏيل وسيلن تي پاڻ ئي منصف ۽ فيصلو ڪندڙ نہ بڻجي. پنجاب تي، هڪ مٿئين علائقي واري ۽ وڏو صوبو هجڻ جي ناطي، هڪ اخلاقي ۽ قانوني ذميواري لاڳو ٿئي ٿي تہ اهو پنهنجي اختيار کي هيٺين صوبن جي استحصال لاءِ استعمال نہ ڪري.

گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي حڪمن تي فوري طور عمل ڪيو وڃي:

منصوبي کي مڪمل طور تي روڪيو وڃي، ۽ سڀني ڌرين جي وچ ۾ شفافيت، انصاف ۽ باهمي رضامندي جي بنياد تي ڳالهين جي شروعات ڪئي وڃي. پنجاب کي اهو تسليم ڪرڻو پوندو تہ حقيقي ترقي صرف پائيدار حلن ۾ لڪل آهي جهڙوڪ واهن جي اڏاوتي ڪمزورين کي گهٽائڻ، زمينن کي سڌو ڪرڻ، پائيداري جي اصولن تي ڪم ڪرڻ ۽ جديد آبپاشي جي طريقن کي اپنائڻ، جنهن سان پاڻي جو رستي يا بني ۾ ٿيڻ وارو زيان گهٽجي سگهي ٿو ۽ سڄي پاڪستان ۾ ان کان وڌيڪ زمين بهتر ڪري اپت کي تقريباً ٻيڻو ڪري سگهجي ٿو: بهتر ٻج ۽ پاڻ ۽ گهٽ پاڻي واپرائيندڙ ...

غربت ۽ مهانگائيءَ ۾ گهيريل اسانجو سماج

اعجاز ممنائي

انساني سماج هميشہ خوشحالي ۽ مصيبت جي وچ ۾ ساهہ کڻندو رهيو آهي. ڪڏهن زراعت جي اضافي پيداوار ماڻهن جي روزاني زندگي کي آسان بڻائي ڇڏي ٿي، تہ ڪڏهن بک ۽ مهانگائي جي عذاب انهن جي زندگين کي ناقابل برداشت بڻائي ڇڏي ٿو. پر هن جديد دور ۾ بہ، جڏهن سائنس ۽ ٽيڪنالاجي دنيا کي هڪ عالمي ڳوٺ بڻائي ڇڏيو آهي، تڏهن بہ اسان جا ڳوٺاڻا ۽ اسان جا شهري مزدور ۽ اسان جا غريب خاندان بک، مهانگائي، غربت ۽ محرومي جي دوزخ ۾ سڙڻ تي مجبور آهن. ان سان اهو سوال پيدا ٿئي ٿو تہ دنيا ڏينهون ڏينهن ترقي جي بلندين تي پهچي رهي آهي، جڏهن تہ اسان اڄا تائين ڪاڏي ڪاڻ پنهنجو پيٽ ڀرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهيون. غربت صرف دولت جي ناهي؛ بلڪہ ماڻهو زندگي جي بنيادي حقن کان بہ محروم آهن. ڪاٺ کان سواءِ بکيو سمهڻ، بيماري جون علامتون نہ محسوس ٿيڻ، ٻارن کي تعليم لاءِ اسڪول نہ موڪلڻ ۽ عزتدار ماڻهن کي عزت خاطر سماج ۾ نظرانداز ڪيو پيو وڃي. غريب جي زندگيءَ ۾ خواب گهٽجي ويندا آهن. اميدون ٽٽي وينديون آهن ۽ خواهشون پوريون نہ ٿينديون آهن. اسان جي ملڪ ۾ ڪيترائي اهڙا مسڪين آهن جنهن وٽ ڏينهن ۾ بہ ويلا ماني بہ نہ ملندي آهي. شهري علائقن ۾، هڪ مزدور صبح کان شام تائين سخت محنت ڪندو آهي پر شام جو هن وٽ پنهنجي ٻارن کي پيئڻ لاءِ کير جو گلاس بہ نہ هوندو آهي. هي اهو آهي جنهن کي غربت جو الميو چيو ويندو آهي. اهڙي طرح مهانگائي هڪ اهڙو مسئلو آهي جيڪا غريبن جي خواهشن کي قتل ڪري ٿي. چانور، کنڊ، ڪاڏي جو تيل، بجلي، گئس ۽ ٻيون ضرورت جون شيون ڏينهون ڏينهن مهانگيون ٿينديون پيون وڃن. جڏهن تہ ماڻهن وٽ آمدني نہ هجڻ جي برابر آهي. جنهن جي ڪري خرچ آسمان کي ڇهڻ لڳن ٿا. مهانگائي نہ رڳو هڪ معاشي مسئلو آهي پر اهو انساني نفسيات کي بہ مفلوج ڪري ڇڏي ٿي. جڏهن هڪ پيءُ پنهنجي پٽ کي پگهار مان ڪجھ بہ نہ ٿو ڏئي سگهي، تڏهن هن ٻارجي دل ۾ هن سماج لاءِ محبت نہ پر نفرت پيدا ٿئي ٿي. غربت سبب ٻيو وڏو مسئلو صحت جي کوٽ آهي. جيڪڏهن ڪو غريب ماڻهو بيمار ٿئي ٿو تہ ان وٽ دوائون خريد ڪرڻ لاءِ پئسا نہ هوندا آهن. اسپتالن ۾ طبي سهولتون موجود ناهن. جڏهن تہ خانگي اسپتالن ۾ علاج ايترو مهانگو آهي جو هڪ ...

بقايا 01

علامتي بک هڙتال ڪئمپ ۾ واپاري ايسوسيئشن ٿرپارڪر جي سمورين تنظيمن جي اڳواڻن بابو اسلم قائمخاني، شام سندر هيمناڻي، مدن هيمناڻي، ڪمليش ڪيلا ۽ ٻين اڳواڻن سرڪاري ملازمن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ته اسين سڀ واپاري سرڪاري ملازمن سان گڏ آهيون اگر انهن جي لاءِ احتجاج يا هڙتال ڪرڻي پوندي ته اهو به ڪرڻ لاءِ تعاون جي يقين دهاني ڪرائي، احتجاج ۾ شريڪ تنظيمن جي اڳواڻن جن ۾ گستا ٿرپارڪر ۽ چيئرمين سنڌ ايمپلائيز الائنس ٿرپارڪر جيتيش راٺي، سپسا ٿرپارڪر الهجڙيو درس، پارومل امراڻي، غلام محمد لنگهو، عطا الرحمان بجير، پ ٽ الف ٿرپارڪر بادل دل، سنديش آچاريہ، سپلا ٿرپارڪر اڳواڻ رويش گوماڻي ،مڪيش راجا، آل روينيو ايمپلائيز ايسوسيئيشن ٿرپارڪر اڳواڻ راجيش لوڊا، آپڪا ٿرپارڪر اڳواڻ مدن لال ڪيلا، هاشم جوڻيجو، آئي ٽي اي اي ٿرپارڪر اڳواڻ سروڻ مالهي، پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر ڊاڪٽر صاحب ڏنو جهنجي، ڊاڪٽر حفيظ دل، دليپ سوني، مانيٽرنگ اسسٽنٽ تنظيم ايسوسيئيشن اڳواڻ سڪراج لڪاڻي، پي وي ايم اي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر آصف قائمخاني، سينئر وڪيل اڳواڻ مولابخش بجير، سماجي اڳواڻ محمد خان لنڊ، الماس نهڙيو، سنگتراش صحرائي، مفتي محمد اسحاق درس، اڪبر درس، پيشم ڪوناري، استيوينا ٿرپارڪر اڳواڻ عبدالغفار جوڻيجو، هارون عمراڻي، آڪاش هميراڻي، انب جوڻيجو، برڪت هنگورجو ۽ ٻين اڳواڻن احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي چيو ته اسان جي جدوجهد هاڻي ان نهج تي پهچي چڪي آهي جتان واپس موٽڻ محال آهي ڇاڪاڻ ته اها سنڌ جي ملازمن جي جياپي جي جنگ آهي، برازيل ۾ سرڪاري ملازمن کي انهن جا حق نه ملڻ ڪري 70 ڏينهن ادارا بند رهيا، ميڪسيڪو ۾ 40 ڏينهن ادارا بند رهيا اهو ڪوئنون احتجاج ناهي پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينئر اڳواڻن قائم علي شاه، مولابخش چانديو، غلام قادر چانديو، فقير شير محمد بلالاڻي ۽ ٻين پڻ اها ڳالهه ڪئي آهي ته سرڪاري ملازمن سان ڳالهيون ڪري انهن جا مسئلا حل ڪريو پر سنڌ سرڪار شايد ان مسئلي کي انا جو مسئلو بڻائي ڇڏيو آهي سيني سرڪاري ملازمن پنهنجي بقا جي جنگ جي لاءِ هڪ آواز تي 06 آڪٽوبر تي ڪراچي بلاول هائوس سنڌ جي تاريخ جي سڀ کان وڏي احتجاجي ڌرڻي ۾ شرڪت جو وچن ورجايو ۽ اهو وعدو ڪيو ته اهي پنهنجي پنن تي سندرو ٻڌي، سرن تي ڪفن ٻڌي انهي احتجاج ۾ شريڪ ٿيندا سين ته ڇاڪاڻ ته هي مسئلي رڳو ڇه لک سرڪاري ملازمن جي پگهارن، پينشن، ڊي آر اي يا گروپ انشورنس جو ناهي پر اهو ڇه لک خاندانن جي جياپي يا زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي

بقايا 02

شيخ نوراجا ،پليجا، پير قاسم شاه سميت ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ سم جي گندي پاڻيءَ تباهي مچائي ڇڏي مسجدن اوطاقن ۽ گهرن سميت پرائمري اسڪول محمد صالح شيخ، ۽ ٻين اسڪولن ۾ به سم جو پاڻي بيهجي ويو، سوين ٻارڙن جي تعليم متاثر ٿي وئي آهي ان سان گڏ جرن جو پاڻي به زهريلي ٿي ويو آهي ٻئي طرف ڳوٺاڻن جا سوين ايڪڙن تي بيٺل فصل ڪمند ڪيلا ڪجين جا باغ سبزيون ۽ ٻيا لکين رپين جا فصل سڙي ۽ سڪي رهيا آهن ان سلسلي ۾ علائقي واسين مور علي لاڙڪ، خير محمد لاڙڪ، غازي صدام حسين، در محمد، وحيد ڪلهوڙو ،نعيم ڪلهوڙولطيف ڪلهوڙو، ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ نوراجا لنڪ روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪندي ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ۽ ٻين وس وارن مطالبو ڪيو ته سم جو پاڻي نيڪال ڪرائي، مستقل حل لاءِ پير قاسم شاه بخاري کان رپڙي ريگيوليٽر تائين سم نالو ٺهرائي رهواسين مان هميشہ لاءِ پريشاني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 03

ته اڳواڻ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي مرڪزي اڳواڻ امداد ڦلپوٽو سکر يونين آف جرنلسٽس جي سيڪريٽري عبدالرئوف عباسي سکر نيشنل پريس ڪلب جي سيڪريٽري رشيد رضا ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي ان موقعي تي سکر يونين آف جرنلسٽس جي خزانچي نثار چنجڻ عاشق حيدري روهيت لالواڻي شاهدسولنگي سچل سولنگي سيد نعمان علي شاه شبير احمد ميمڻ سرفرازچد صديراحمد راهب منگريو سميت ٻيا صحافي به شريڪ هئا اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته امتياز مير مٿان ڏينهن ڏٺي جوفائرنگ ڪري قتل ڪيو ويو پراجا تائين قاتلن کي گرفتار ناهي ڪيو ويوجيڪو قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪارڪردگي تي سوالا نشان آهي هنن چيو ته اهو افسوسناڪ آهي ته اڄ صحافي پاڻ کي غير محفوظ سمجهن ٿا اڳواڻن واضح ڪيو ته جيستائين قاتلن کي گرفتار نٿو ڪيو وڃي ۽ صحافين کي تحفظ مهيا نٿو ڪيو وڃي تيستائين سندن احتجاج جاري رهندو

بقايا 04

نعرو تڪبير سان گونجي وئي. اڄ ڏينهن گولارچي جي تاريخ ۾ پهريون پيرو آئين ٿيو جو علماءَ هڪ پليٽفارم تي متحد ٿي ويا ۽ انهن ٻڌايو: "شراب جي دڪان ڪنهن به قيمت تي کولڻ نه ڏينداسين. جيڪڏهن کوليا ويا ته اهي اسان جي لاشن تي کليا ويندا." صبح سوير کان مرڪزي بازارن کان وٺي ننڍن ننڍن پاڙن تائين دڪان بند نظر آيا. هڙتال دوران نوجوانن، وڏن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ جلوس ڪڍيا. جلوسن دوران فضاءَ ۾ "شراب جو گٽو منظور ناهي!" ۽ "اسلام زنده باد!" جا نعرا گونجندا رهيا. عورتون گهرن جي ڇتن تان قرآن شريف سر تي رکي احتجاج ۾ شامل ٿيون. جڏهن ته معصوم ٻار به هٿن ۾ پلي ڪارڊز کڻي نعرا مٿي ڪٺندا ڏٺا ويا. شهر جا سمورا ڪاروباري مرڪز، مارڪيٽون ۽ حتيٰ ٽرانسپورٽ به بند رهيا. رستن تي تائر سلهايو وڃي شراب خلاف سخت غصي جو اظهار ڪيو ويو پوليس ۽ انتظاميا مڪمل طور تي بي بس نظر آئي. علماءَ جي نمائندن احتجاجي مظاهري دوران خطاب ڪندي چيو: "هي سرزمين محمد جي ايمان وارن جي آهي، هتي شراب جو ڏنڌو برداشت نه ٿيندو. جيڪڏهن ڪنهن به ڏر عوامي جذبات کي نظرانداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته اسان ميدان ۾ آهيون. هي جنگ آخري دم تائين جاري رهندي گولارچي جي عوامي اتحاد هڪ نئون باب رقم ڪيو آهي. هر گهٽي، هر رستو اڄ انهيءَ ڳالهه جو شاهدي ڏئي رهيو آهي ته هن شهر ۾ شراب جي هڪ به بوند به ڪڏهن برداشت نه ڪئي ويندي: علماءَ هڪ قدم اڳتي وڌندي سخت لفظن سان اعلان ڪيو ته جيڪڏهن شراب جو گٽو / وائن شاپ کوليو ويو ته اهي (دڪان) اسان جي لاشن تي کليا ويندا— اسان جي زنده هڻڻ تي به اهو نه ٿي سگهندو.

بقايا 05

عباسي. ميان اعجاز عباسي رپورٽ موجب عوامي پريس ڪلب رانيپور ۽ راڻيپور جي باشعور عوام جي سڏ تي ساجد ڪربلايي ضيغم رضا ميان فدا حسين جاويد ملاح جي اڳواڻي ۾ مهانگائي خلاف اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀوديرو شاهرخ مگٹھار جي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ معزز شهري سماجي اڳواڻن سٽي پريس ڪلب رانيپور جي صدر فقيرمحمد عباسي سيد زوار شاه عارف علي پيلار شمايلا منگي شفقت حسين عباسي مهوال خان مغيري. تنوير حسين. جان محمد چنا. جڏهن ته علي امداد لاڙڪ. علي مرادن شاهاڻي استاد شوڪت گانگهرو استاد جاويد . اسرار عمراڻي نظام الدين وساڻ. همشت علي چامڙو . اياز انصاري نديم حسين سولنگي جاني محمد رمضان . گدا حسين شيخ. روشن شيخ . ميان اعجازعلي ڪلهوومنراحمد جوجو مهتاب حسين زاهد حسين هنگورو. سينيئر صحافين سماج سڌارڪن شرڪت ڪندي ڌرڻي کي خطاب ڪندي چيو ته اسين ڪنهن آفيسر جي خلاف ناهيون پر هوشاهرخ مگٹھار تعلقي جو آفيسر آهي ان جص ديوٽي آهي ته هر روز جي

پاڻ سوال ڪندا. ڪنهن کي هٿرادو مهنگايي ڪرڻ هرگز نہ ڏينداسين جايز مطالبا رکيا آهن جيڪڏهن تسليم نہ ڪيا ويا ته ب10 اڪٽوبر تي اجان سخت احتجاج ڪنداسين - ڌرڻي ۾ ڪافي تعداد ۾ شهري سماجي ورڪرن قلمڪارن شرڪت ڪئي ۽ مطالبو ڪيو ته نوٽس وٺي راڻيپور جي شهرين مان بي چيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 06

سان گڏ درگاه کي غسل مبارڪ ڏيئي درگاه تي چادرون چاڙهي ميلي جوافتتاح ڪري ملڪ جي سلامتي، خوشحالي، امن امان لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون. جڏهن ته رات جو محفل واعظ ۾ جامع مسجد مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي امام خطيب مولوي محمد ايوب جوکيو نعيمي، مولوي مولوي زبير رضوي، مولوي محمد حنيف ٿهيم، حافظ صدام حسين جوکيو واعظ ڪرڻ سميت نعت خوان محمد حنيف نعتون پڙهڻ جي سعادت ماڻي. ميلي جي موقعي تي درگاه جي مريدن ۽ عقيدتمندن پاران درگاه تي اچڻ ۽ دعائون گهرڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي. جتي ميلي جا ٽيئي ڏينهن لنگر عام پڻ جاري رهندو. جڏهن ته ميلي جا انتظام پڻ درگاه جي خدمتگار غلام قادر جوکيو ۽ سندس فرزند حافظ صدام حسين جوکيو پاران سنڀاليا پيا وڃن.

بقايا 07

جو اوچتو دورو ڪيو دوري دوران اسٽيشن جي مجموعي صورتحال صفائي پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي واش رومز ۽ مسافرن جي فراهم ڪيل ٻين سهولتن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ريجنل هيڊ ۽ سندس ٽيم مسافرن جون شڪايتون پڻ سڌيءَ ريت ٻڌيون جن ۾ صفائي جي خراب انتظام پيئڻ جي پاڻي جي ڪوٽ ۽ خوراڪ جي شين جي اگهن ۾ بي ضابطگيون شامل هيون محمودعلي شاه ريلوي انتظامي کي موقعي تي طلب ڪري مسافرن کي فوري طور بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جون سخت هدايتون جاري ڪيون فود اٿارٽي جي ٽيم دڪاندارن جي اگهن جي جاچ ڪئي ۽ ڪيترن ئي دڪاندارن کي اوورچارجنگ تي ڏنڊ ڏنا ويا ان کان علاوه سيڪيورٽي ۽ مانيٽرنگ کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ سي سي ٽي وي روم جو به تفصيلي جائزو ورتو ويو علاقائي سربراه چيو ته هي سرپرائيز دورو عوامي شڪايتن جي فوري حل چيڪ اينڊ بيلنس جي مؤثر نظام ۽ ريلوي مسافرن کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ جي عملي ڪوشش آهي هن وڌيڪ چيو ته دوري جي جامع رپورٽ جلد وفاقي محتسب ڏانهن اماڻي ويندي ته جيئن وڌيڪ سڌارا آڻي سگهجن

بقايا 08

جي اڳواڻن نائين ڏينهن تي به مڪمل تالا بندي جاري رکي ۽ روينيو جي ملازم اڳواڻن درمحمد ڪوٽار ،منير رند ، شاهد حسين رند، فدا حسين ڪوڪر ، ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سنڌ حڪومت جي ڪاري قانون خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري شهر جو گشت ڪندي اي سي آفيس اڳيان ملازمن انو ڪو احتجاج ڪندي پاڻ کي علامتي ڦاهي ڏئي بک هڙتال جاري رکي ان موقعي تي سنڌ ايمپلائيز الائينس جي اڳواڻن چيو ته ملازمن جي ڪٽوتي مان حڪمران ٻاهرين ملڪن اندر قيمتي بنگلن بئنڪ بئلنس جا مالڪ لڳا تا وتن اسان ملازمن جي گروپ انشورنس، بينيوئل فنڊ مان هر مهيني ناجائز ڪٽوتي ٿي رهي آهي، پينشن تي به حڪمران جي بري نظر آهي جڏهن ته آءِ ايم ايف رڳو سنڌ جي لاءِ ڪارا قانون پئي مڙهي ننڍن ملازمن لاءِ قانون آهي باقي وڏين عهدن وارن کي رليف ڏنو پيو وڃي اهڙن ڪارن قانونن سان سنڌ جي لکين ملازم ۽ انهن جي ٻچن جو معاشي قتلام ڪيو پيو وڃي جڏهن ته ڊسپرنسي الائونس ملڪ جي ٽن صوبن ۾ ملي رهيو آهي رياست هڪڙي آهي قانون الڳ الڳ آهن هنن چيو ته اسان جي هي جدو جهد واري جنگ رت جي آخري ڦڙي تائين جاري رهندي حڪمران کي هونش مان ڪم وٺڻ گهرجي ڪاميابي اقتدار سنڌ مان ملي ۽ ڪارا قانون به سنڌ لاءِ جيڪا سراسر ناجائزي آهي هنن چيو ته جيستائين ڪاري قانون وارا ليٽر رد ڪري سنڌ ايمپلائيز الائينس جا مطالبا تسليم نٿا ڪيا وڃن 6 آڪٽوبرتي سڄي سنڌ جا لکين ملازم پنهنجن پنهنجن شهر ڪان احتجاجي لانگ مارچ ڪري ڪراچي بلاول هائوس اڳيان تاريخي ڌرڻو هڻنداسين.

بقايا 09

۽ آفيس ورڪ جو مڪمل بائيڪاٽ ڪندي احتجاج ڪيو ۽ سخت نعريبازي ڪئي ۽ حڪومت سنڌ کان مطالبو ڪيو ته پينشن ريفارمز واپس ورتا وڃن ۽ DRAالائونس ڏنو وڃي نه ته بي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌائيندي سنڌ جا سمورا سرڪاري ملازم 6 آڪٽوبر تي بلاول هائوس جو گهيراءُ ڪندا

بقايا 10

ونندڙ نااهل اميدوارن کي سيلڪشن ڏني وئي آهي، جڏهن ته وڌيڪ نمبر حاصل ڪندڙ اهل اميدوارن کي انٽرويو ۾ ناڪام قرار ڏنو ويو هن مطالبو ڪيو ته پرتين جو عمل شفاف بڻايو وڃي ۽ ميرٽ کي يقيني بڻائي اصل اهل اميدوارن کي حق ڏياريو وڃي.

بقايا 11

پکي هجرت ڪري سنڌ جي پاڻيءَ ۽ ساحلي علائقن ۾ ايندا آهن. پر انهن جي اچڻ خوشي بدران شڪارين لاءِ هڪ ميلو بڻجي ويندو آهي. ذريعن موجب، ٽريڙي ڍنڍ، جو هڪ اهم قدرتي آبي ذخيرو آهي، اتي هر سال مختلف قسمن جا ناياب ۽ مهاجر پکي، خاص طور تي باز، فلمينگو، سرخ چڪ، ۽ ٻين نسلن جا پکي رهائش لاءِ ايندا آهن. بدقسمتي سان انهن پکين جي تحفظ لاءِ محڪمہ وائيلڊ لائيف ڪاتو نه صرف خاموش تماشائي بڻيل آهي، پر ڪيترين ئي شڪايتن باوجود، قانون تي عمل ڪرائڻ ۾ مڪمل ناڪام رهيو آهي. مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته ڪيترائي بااثر ماڻهو شڪار جي لاءِ جديد هٿيارن، جار، ۽ باقاعدي ڳاڏين سان اچي پکين جو شڪار ڪن ٿا، جڏهن ته وائيلڊ لائيف کاتي جا عملدار نظر نه ٿا اچن. مقامي ماڻهن جو چوڻ هو ته. "هر سال اسان ڏسون ٿا ته غير قانوني شڪار وڌي ٿو ۽ ان جو ڪو به نوٽيس نه ٿو ورتو وڃي. اهڙي ريت ماحولياتي توازن کي شديد نقصان پهچي رهيو آهي." ماحولياتي ماهرن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن صورتحال تي ترت نوٽيس نه ورتو ويو ته ايندڙ سالن ۾ ناياب نسل وارا پکي هن علائقي ۾ اچڻ بند ڪري ڇڏيندا. جنهن سان نه صرف قدرتي حسن متاثر ٿيندو پر علائقي جي حياتياتي نظام کي به وڏو ڌڪ رسندو. وائيلڊ لائيف کاتي جي لاپرواهي خلاف مقامي سماجي تنظيمن ۽ ماحولياتي ڪارڪنن جو مطالبو آهي ته حڪومت فوري طور نوٽيس وٺي. غير قانوني شڪار ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪري ۽ پکين جي تحفظ لاءِ سخت قدم کنيا وڃن.

بقايا 12

۾ ڏني پر غريب هٿڻ ڪري ڪو به تدارڪ نه ٿيو انصاف لاءِ منتظر بڻيل آهيان مجبور بڻجي سٽي پريس ڪلب پهتو آهيان ايس ايس پي ميرپورخاص سميت ٻين وس وارن کي انصاف ڏياري تحفظ فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪيا ٿو.

بقايا 13

ٿيل ايڪٽ تحت سڀ قانوني گهرجون پوري ڪرڻ کان پوءِ الله تعاليٰ جي فضل ۽ اسانجي ليگل ٽيم جي محنت سان هيومن سيٽلمنٽ اٿارٽي سابقہ ڪچي آبادي اٿارٽي نارو مينگل ڳوٺ کي ليز لاءِ باقاعده طور نوٽيفاءِ ڪيو الحمدالله هاڻي ڳوٺ جا رهواسي ليز حاصل ڪرڻ شروع ٿي ويا آهن. جيڪو هڪ تاريخي ۽ خوش آئند اڳڀرائي آهي جي ڪاميابي جيئرمين

شامل آهن. پاڪستان پيپلز پارٽي جو نالو ۽ لباس اوڍي هن عوامي فلاحي عمل جي مخالفت ڪري رهيا آهن ۽ مينگل بلوچ ويلفيئر ايسوسيئيشن ۽ ان جي صدر جي ساک کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ۾ آهن هي رويو نه رڳو مقامي امن امان لاءِ نقصانڪار آهي پر عوامي اعتماد کي به مجروح ڪري ٿو آءِ پنهنجي قانوني صلاحڪارن ۽ ڪنسلٽنٽن جي مدد سان، پنهنجي ڏاڏي جي موروثي بستي نارو مينگل ڳوٺ کي سنڌ حڪومت جي تعاون سان قانون مطابق هڪ ماڊل وليج بڻائڻ لاءِ پرعزم آهيان انشاالله. اسان پنهنجي ٽيم جي مسلسل ڪوششن سان ڪراچي جي ضلعي اول ۽ ضلعو اوپر سميت ٻين بستيئن کي به سنڌ حڪومت کان ليز ونرائڻ ۾ مدد ڪنداسين اسان اميد تا ڪريون ته سنڌ حڪومت ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت، خاص طور جناب بلاول ڀٽو زرداري، هن عوامي قدم جي تحفظ ۽ ان جي وڌيڪ واڌاري لاءِ موثر ۽ عملي قدم کڻندا ته جيئن هي سلسلو تيز، محفوظ ۽ بنا رڪاوٽ جاري رهي

بقايا 14

سماجي اڳواڻ ايڊووڪيٽ غلام سرور پليجو پليجو پاءِ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته گذريل رات نامعلوم چور گهر ۾ داخل ٿيا ۽ سندس موٽرسائيڪل چوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ناڪام ٿيڻ کان پوءِ گهر جي ٻاهران ٺهيل سيوريج جو لوهي ڍڪڻ کڻي ويا. موقعي تي سرفراز پليجو چيو ته جنگشاهي پوليس اگهور ننڊ ۾ ستل آهي جڏهن ته شهر جي مختلف علائقن ۾ چوريون ٿي چڪيون آهن. جڏهن ته اهو واقعو ٿيو آهي. اسان اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪريون ٿا ته جاچ ڪري چورن کي گرفتار ڪيو وڃي، بي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 15

۾ پيار پرڻو ڪري ڇڏيو آهي ان ڏس ۾ پيار جو پرڻو ڪندڙ ناري ريشمان خاتون جوڃوڻ هو ته 8 ڏينهن اڳ مان پنهنجي رضا خوشيءَ سان ٽن ڪپڙن ۾ پنهنجي معصوم پٽ فوٽل سان گڏجي گهران نڪري محمد علي ناريجو سان پسند جو پرڻو ڪيو آهي جنهن کان پوءِ منهنجو اڳوٽو مڙس گل حسن لاڪو شير محمد لاڪو وڏيرو شمن وڏيرو سچل لاڪو ۽ ٻيا بااثر اسان جوڙي جي جانين جا ويري بڻجي اسان کي مارڻ جون ڪوششون ڪرڻ سان گڏ منهنجي مڙس مٿان منهنجي اغوا ڪرڻ جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائي منهنجي مڙس جي گهر مٿان گمبٽ پوليس جون چڙهايون ڪرائي ڦرلٽ ڪرائڻ سان گڏ گهر مان سونا زيور روڪ رقم 8 مينهون به ڪاهي ويا آهن ۽ سندس سئوٽ امجد ناريجو کي به گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته منهنجي اڳوٽي مڙس 5 مهينا اڳ مونکي طلاق ڏئي گهر مان ڪڍي ڇڏيو هو جنهن مان مونکي 3 ٻارڙا اولاد به آهن جن مان هڪ پٽ مونسان گڏ آهي اگر ان جو پيءُ هن کي وٺڻ چاهي ٿو ته مان ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. ان موقعي تي هن ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي بااثرن خلاف ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 16

مختلف براين ۾ ملوث ٿي ويو آهي. جڏهن به ڪيس منع ڪندا آهيون ته هو ڪين موتمار ڌمڪيون ڏئي ٿو. هنن چيو ته معاملي جو فيصلو به ڪرايو ويو هو. جنهن وقت ملڪيت مان ڪجهہ حصو به شان گوپانگ کي ڏنو ويو. پر ان جي باوجود به هو ڪين مختلف بهانن سان حراسان ڪري رهيو آهي. احتجاج ڪندڙن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جج، ايس ايس پي بدين ۽ ايس ايچ او تلهار کي اپيل ڪئي آهي ته ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 17

